هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾
ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

# اصحابِ ڪهف جو واقعو

10-November-2016

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ راحت نشان آهي: جيڪو مون تي دُرودِ پاڪ پڙهندو آهي اُن جو دُرود مون تائين پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ اِستِغفار ڪندو آهيان ۽ ان ڪان عِلاوه ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکيون وينديون آهن.(1)

گرچہ ہیں بے حد قُصور تم ہو عَفُوّ و غَفور بخش دو جُرم و خطا تم پہ کروڑوں دُرود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[2]

---

1…معجم اوسط،من اسمہ احمد ،۱/۴۴۶،رقم:۱۶۴۲

[2](المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج6، ص 185)

www.dawateislami.net

**ٻہ مدني گُل:** 1 بنا سني نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهہ سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ٻيجي ويهندس ❁ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوا الله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰه جي نشانين مان هڪ نشاني

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ اسان ”اَصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم جو واقعو“ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اللّٰه تعاليٰ قرآنِ ڪريم جي مختلف سورتن ۾ اڳوڻين اُمّتن جا سبق آموز واقعا، انهن تي نازل ٿيڻ وارين نعمتن، عذابن ۽ مختلف حيرت انگيز عجائبات ۽ نشانين کي بيان فرمايو آهي. اَصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم جو واقعو بہ عجائباتِ قرآنيہ مان هڪ حيرت انگيز ۽ سبق آموز واقعو آهي، جنهن جو ذڪر قرآنِ ڪريم جي پندرهين (15) سيپاري جي ”سوره ڪهف“۾ موجود آهي. هن واقعي کي قرآنِ ڪريم ۾ هنن لفظن سان بيان فرمايو ويو آهي:

اَمۡ حَسِبۡتَ اَنَّ اَصۡحٰبَ الۡكَهۡفِ وَ الرَّقِيۡمِ ۙ كَانُوۡا مِنۡ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ﴿۹﴾ اِذۡ اَوَى الۡفِتۡيَةُ اِلَى الۡكَهۡفِ فَقَالُوۡا رَبَّنَاۤ اٰتِنَا مِنۡ لَّدُنۡكَ رَحۡمَةً وَّ هَيِّئۡ لَنَا مِنۡ اَمۡرِنَا رَشَدًا ﴿۱۰﴾

(پ۱۵،الكهف:۱۰-۹)

**ترجموڪنزالايمان:** ڇا توکي خبر آهي غار ۽ جهنگ جي ڪناري وارا اسان جي هڪ عجيب نشاني هئا جڏهن انهن نوجوانن غار ۾ پناهه ورتي پوءِ عرض ڪيائون اي اسان جا رب اسان کي پاڻ وٽان رحمت ڏي ۽ اسان جي ڪم کي اسان جي واسطي منزل ملڻ جو سامان ڪر.

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل تفسير ”صِراطُ الجِنان “ ۾ هن آيتِ مُبارڪ جي تحت لکيو ويو آهي تہ هتان اَصحاب ڪهف (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنۡهُم) جو واقعو شروع ٿئي ٿو ۽ ان کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي عجيب و غريب نشانين مان هڪ نشاني قرار ڏنو، ڇوتہ هن واقعي ۾ ڪافي نصيحتون ۽ حڪمتون آهن.[1] انهيءَ آيتِ مقدّسہ ۾ موجود لفظِ ”رَقِيم“ جي وضاحت ڪندي حضرت سَيدُنا عبدُ اللّٰه بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنۡهُمَا جن فرمايو: ”رَقِيم“ان وادي جو نالو آهي جنهن ۾ اصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنۡهُم جلوه فرما آهن.[2]

اچو! هاڻي اسان اَصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنۡهُم جي هن روحاني ۽ اِيمان افروز واقعي جي باري ۾ ٻڌون ٿا ۽ ان مان حاصل ٿيڻ وارا مدني گل گڏ ڪيون ٿا.

## اَصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنۡهُم جو واقعو

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 617

1...صِراطُ الجِنان،پ۱۵، الكهف،تحت الآية: ۹،۵/۵۴۰

2...تفسير خازن،پ۱۵،الكهف،تحت الآية:۹،۳/۱۹۸

صفحن تي مشتمل تفسير”صِراطُ الجِنان“ جلد 5 صفحي 541 تي اَصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہم جي ايمان افروز واقعي ڪي ڪجھ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي ته اَصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہم اُفْسُوس نالي شهر جا شريف ۽ عزت وارن ماڻهن مان ايماندار ماڻهو ها. انهي جي زماني ۾ دَقْيانُوس نالي هڪ وڏو ظالم بادشاهه هو، جيڪو ماڻهن کي غيرِ خدا جي عبادت تي مجبور ڪندو هو ۽ جيڪو شخص به غيرِ خدا جي عبادت تي راضي نه ٿيندو هو ان کي قتل ڪندو هو. دَقْيانُوس بادشاهه جي ظلم و ستم کان پنهنجو ايمان بچائڻ جي لاءِ اصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہم ونئي ڀڳا ۽ قريبي هڪ جبل ۾ غار جي اندر پناهه ورتي، اتي سمهي پيا ۽ 300 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين ان حال ۾ رهيا. ڳولا ڪرائڻ تي بادشاهه کي معلوم ٿيو ته اهي هڪ غار ۾ آهن ته ان حڪم ڏنو ته غار کي هڪ مضبوط ديوار ٺاهي بند ڪيو وڃي ته جيئن اُهي اِن ۾ (بکايل اُڃايل) مري وڃن ۽ اِها غار ئي انهن جي قبر ٿئي، اها ئي انهن جي سزا آهي. ( صِراطُ الجِنان،۵/۵۴۱،بتغير قليل )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو ته اصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡہم جو ايمان جي حفاظت جي معاملي ۾ ڪيتري قدر زبردست مدني ذهن هو، جو انهن ماڻهن فتنن کان بچڻ ۽ ايمان جي سلامتيءَ خاطر پنهنجو سڀ ڪجھ قربان ڪري غار ۾ پناهه وٺڻ ته پسند ڪيو، پر اللهعَزَّوَجَلَّ کان علاوه ڪنهن ٻي کي معبود مڃڻ جي لاءِ تيار نه ٿيا، اهو به معلوم ٿيو ته فتنن واري زماني ۾ مخلوق کان عليحدگي اختيار ڪرڻ، ايمان جي حفاظت جو نهايت مؤثّر ترين ذريعو آهي.

نبي ڪريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللہ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: عنقريب فتنا ٿيندا جن ۾ وينل شخص بيٺل کان بهتر رهندو ۽ بيٺل شخص هلڻ واري کان بهتر رهندو ۽ هلڻ وارو شخص ڊوڙڻ واري کان بهتر رهندو. جيڪو ان (فتني)

ڏانهن جهاتي پائيندو تہ اهو ان کي بہ پنهنجي وڪڙ ۾ قابو ڪندو. تہ جنهن کي بچڻ جو ڪو هنڌ يا پناهہ گاهہ ملي تہ ان کي گهرجي تہ اهو ان ۾ پناهہ وٺي.(1)

مُفتي احمديار خان رَحۡمَةُ اللّٰہِتَعَالٰی عَلَيه هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ويٺل مان مراد آهي انهن فتنن کان جدا ٿي رهڻ، انهن کان بلڪل واسطو نہ رکڻ، اهو فتنن کان حفاظت جو ذريعو ٿيندو تہ نہ فتنن کي ڏسندو نہ ان جو اثر وٺندو. ۽ بيٺل هئڻ مان مراد آهي پري کان انهن کي ڏسڻ، ان تي خبردار ۽ مطلع ٿيڻ، هلڻ مان مراد آهي ان ۾ مشغول ٿيڻ پر معمولي طور تي، ۽ ڊوڙڻ مان مراد آهي، ان ۾ خوب مشغول ٿيڻ. (مرأة المناجيح،١٩٥/٧،مختصراً)

اڄ بہ نوان نوان فتنا ڦهلجي رهيا آهن، تنهنڪري اسان کي کپي تہ اسان هر وقت پنهنجي اِيمان جي حفاظت جي فڪر ۾ مشغول رهون، ۽ فتنن کان حفاظت ۽ سلامتي ايمان جي لاءِ اِصلاحِ اُمّت جي ڪوشش ۾ مصروف تبليغ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهون، روزانو مدني انعامات جو رسالو پريون ۽ هر مهيني گهٽ مان گهٽ 3 ڏينهن جي مدني قافلن ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايون، اِنۡ شَـآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابندِ سنت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر ڪرڻ جو ذهن بڻجندو .

ايمان جي حفاظت ۽ اِيمان تي خاتمو بالخير جي لاءِ مخصوص اوراد ۽ وظائف پڙهڻ جو معمول بڻايو، اچو ايمان جي حفاظت بابت اَوراد و وظائف ٻڌون ٿا.

## ايمان تي خاتمي لاءِ 4 ورد

هڪ شخص بارگاهہ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِتَعَالٰی عَلَيه ۾ حاضِر ٿي ايمان تي خاتِمو بالخير جي لاءِ دعا جو طالِب ٿيو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰہِتَعَالٰی عَلَيه ان جي لاءِ دعاء فرمائي ۽ ارشاد فرمايو:

---

1...بخاری،کتاب الفتن،باب تکون فتنة القاعد ...الخ،٤/٤٣٦،حديث:٧٠٨٢

www.dawateislami.net

**(1)** (روزانو) 41 ڀيرا صبح جو **يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ** ۔ (اي هميشہ زنده رهڻ وارا! اي هميشہ قائم رهڻ وارا! ڪو معبود ناهي پر تون.) **اوّل آخِر دُرُود شريف ۽ (2)سمهڻ وَقت پنهنجي سيني وردن ڪان پوءِ سُوره ڪافرون روزانو پڙهي وٺو، ان ڪان پوءِ ڪلام وغيره نہ ڪيو وڃي، ها جيڪڏهن ضَرورت هجي تہ ڳالهائڻ ڪان پوءِ وري سُوره ڪافرون تلاوت ڪئي وڃي جو خاتِمو انهيءَ تي ٿئي** اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **خاتِمو ايمان تي ٿيندو. ۽ (3) تي** (3) **ڀيرا صبح ۽ تي** (3) **ڀيرا شام ان دُعاء جو وِرد رکو:** **اَللّٰهُمَّ اِنَّانَعُوْذُبِكَ مِنْ اَنْ نُّشْرِكَ بِكَ شَيْـًٔا نَّعلَمُه وَنَستَغْفِرُكَ لِمَا لَانَعْلَمُه** ("**اي اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ! **اسان تنهنجي پناهہ گهرون ٿا ان ڳالهہ ڪان جو ڄاڻي واڻي ڪنهن کي تنهنجو شريڪ بڻايون ۽ اسان تو ڪان ان** (شرڪ) **جي بخشش گهرون ٿا جنهن کي اسان نہ ٿا ڄاڻيون.**")[1] **(4)** **بِسْمِ اللهِ عَلٰى دِيْنِيْ بِسْمِ اللهِ عَلٰى نَفْسِيْ وَوُلْدِيْ وَ اَهْلِيْ وَمَالِيْ** ۔ (**اللّٰه تعاليٰ جي نالي جي برڪت سان منهنجي دين، جان، اولاد، گهروارن ۽ مال جي حفاظت ٿئي.**) **صبح ۽ شام 3،3 ڀيرا پڙهي، دين، ايمان، جان، مال، ٻار سڀ محفوظ رهندا.**[2] (اڌ رات ٽيڻ کان وٺي سج جي پهرين ڪِرڻي چمڪڻ تائين صبح آهي ۽ ظهر جي وقت شروع ٿيڻ کان وٺي سج لهڻ تائين شام چورائيندي آهي)

**منامنا** اسلامي ڀائرو!اسان کي گهرجي تہ ايمان جي حفاظت جي لاءِ اهڙي بُري صحبت کان بچون، جنهن سان ايمان جي بربادي جو انديشو هجي.

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل تفسير "صِراطُ الجِنان" ۾ آهي: نيڪن ۽ نيڪين سان محبت ايمان جي نشاني آهي،جڏهن ته بُرن ۽ بُرائين سان محبت ايمان جي ڪمزوري جي نشاني آهي، تنهنڪري هر شخص کي گهرجي تہ اهو پنهنجي ايماني قوّت کي پنهنجي قلبي مَيلان مان معلوم

---

1...الملفوظ حصہ ٢ ص٢٣٤ حامد اينڈ کمپنی مرکز الاولياء لاہور

2...شجره قادِريہ رضويہ ص١٢ مکتبۃ المدينہ بابُ المدينہ کراچی

ڪري، چاڪاڻ تہ جن دِلين ۾ فلمن، ڊرامن، بي حيائين ۽ گانن جي محبت هجي، انهن دلين ۾ نماز، ذِڪر، دُرود ۽ تلاوت جي محبت نٿي سمائجي سگهي. (تفسير صراط الجنان،جلد1،ص168)

الله عَزَّوَجَلَّ ! اسان جو ايمان سلامت رکي، ايمان جي سلامتي سان گڏ خاتمو بالخير نصيب ٿئي، گنبدِ خضريٰ جي ڇانوَ ۾ شهادت جو موت نصيب ٿئي، جنّت البقيع ۾ مدفن ۽ جنت الفردوس ۾ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ جڳهہ نصيب ٿئي.

مسلماں ہے عطّار تیری عطا سے
ہو ایمان پر خاتمہ یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! تفسير "صِراطُ الجِنان" ۾ آهي تہ دَقْيانُوس بادشاهہ اصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي هلاڪ ڪرڻ جو هي ڪم جنهن جي حوالي ڪيو اهو نيڪ انسان هو، هن انهن اصحابن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم جا نالا، تعداد ۽ سڄو واقعو هڪ تختي تي لکرائي ٽامي جي صندوق ۾ ديوار جي بنياد جي اندر محفوظ ڪري ڇڏيو ۽ اهو بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ اهڙي طرح هڪ تختي شاهي خزاني ۾ بہ محفوظ ڪرائي ڇڏي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ دَقْيانُوس هلاڪ ٿي ويو، زمانہ گذريا، بادشاهتون بدلجنديون رهيون، ايستائين جو هڪ نيڪ بادشاهہ مقرر ٿيو جنهن جو نالو بَيدرُوس هو ۽ ان 68 سال حڪومت ڪئي. ان جي دورِ حڪومت ۾ ملڪ ۾ فتنو فساد پيدا ٿيو، ائين جو ڪجهہ ماڻهو مرڻ کان پوءِ اُٿڻ ۽ قيامت اچڻ جا منڪر (يعني انڪار ڪرڻ وارا) ٿي ويا. بادشاهہ هڪ جدا گهر ۾ بند ٿي ويو ۽ ان گِريو ۽ زاري ڪندي بارگاهہ اِلٰهي ۾ دعا ڪئي تہ ياربّ عَزَّوَجَلَّ!

ڪا اهڙي نشاني ظاهر فرما جنهن سان مخلوق کي مُردن جي اٿڻ ۽ قيامت اچڻ جو يقين حاصل ٿئي. انهيءَ زماني ۾ هڪ شخص پنهنجي ٻڪرين جي آرام جي جڳهه حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهيءَ غار کي چونڊيو (جنهن ۾ اصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهم موجود ها) پوءِ ان (ڪجهه ماڻهن سان گڏجي) ديوار ڪيرائي ڇڏي. ديوار ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه اهڙي هيبت طاري ٿي جو ڪيرائڻ وارا ڀڄي ويا. اصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهم الله تعاليٰ جي حڪم سان خوشي خوشي اٿيا، چهرا ترو تازه، طبيعتون خوش ۽ زندگي جي ترو تازگي بدستور برقرار هئي. هڪ ٻئي کي سلام ڪيو ۽ نماز جي لاءِ بيهي رهيا. (صِراطُ الجِنان،۵/۵۴۲،بتغير قليل )

## فِتنن کان بچڻ جو بهترين حل

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ !اوهان ٻڌو ته جيڪو پنهنجي دِين ۽ اِيمان جي حِفاظت جي لاءِ پنهنجو وطن ڇڏي هجرت ڪندو آهي ته الله تعاليٰ غيب کان ان جي حفاظت جي لاءِ اهڙا اسباب پيدا ڪندو آهي جو عقل حيران رهجي ويندا آهن. جيئن ته اصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهم به پنهنجي دين ۽ اسلام جي حفاظت خاطر ماڻهن کان عليحدگي اختيار ڪندي غار ۾ پناهه ورتي، تنهنڪري الله تعاليٰ غار کي هڪ خاص هيبت ڏئي ان جي حفاظت فرمائي ته ڪو ان تائين وڃي نه پيو سگهيو. اسان کي به گهرجي ته فتنن ۽ فتنو ڦهلائڻ وارن کان پري رهندي نيڪ ماڻهن جي صحبت جي صورت ۾ اهڙو نِڪاڻو اختيار ڪيون جيڪو فتنن کان حفاظت جو ذريعو هجي. نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به اسان کي فتنن کان بچڻ جي لاءِ بهتر نڪاڻو اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ارشاد فرمايو: عنقريب اهڙا فتنا ٿيندا، اِن ۾ ويهي رهڻ وارو، بيٺل کان، بيٺل هلڻ واري کان ۽ هلڻ وارو ڀڄڻ واري کان بهتر هوندو، جيڪو ان ڏانهن جهاتيون پائيندو اهي ان کي ڇڪي ونندا، ان کري جيڪو ڪا پناهه يا نڪاڻو ڏسي ته ان جي پناهه ۾ اچي وڃي.

www.dawateislami.net

حضرت عَلاّمہ علي قاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: هن فرمانِ عالي شان ۾ ويهڻ واري مان مُراد، انهن فتنن کان جدا ٿي رهڻ ۽ بلڪل واسطو نہ رکڻ آهي، اهو انهن فتنن کان حِفاظت جو ذريعو هوندو، اهي نہ فتنن کي ڏسندا نہ اِن جو اثر وٺندا. بيٺل رهڻ مان مُراد پري کان انهن کي ڏسڻ، اِن تي خبردار ۽ مطلع ٿيڻ آهي. هلڻ مان مُراد ان ۾ معمولي طور تي مشغول ٿيڻ آهي. ڊوڙڻ مان مُراد ان ۾ خوب مشغول ٿيڻ آهي. نڪاڻي مان مراد اَمن جي جڳهہ ۽ پناهہ مان مُراد اهو ماڻهو آهي جيڪو ان کي فتنن کان بچائي وٺي يعني يا تہ پناهہ واري هنڌ هليو وڃي يا اهڙي شخص وٽ رهي جيڪو ان کي انهن فتنن کان بچائي. (مرقاة المفاتيح،۲٦١/٩،تحت الحديث:٥٣٨٤ )

هڪ ڀيرو حضرت سَيدُنا امير ِمعاويہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْه جنگِ رُوم جي سفر ۾ اصحابِ ڪهف جي غار وٽان گذرڻ مهل ان غار ۾ داخل ٿيڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو تہ حضرت سَيدُنا عبدُالله بن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُم انهن کي منع ڪيو ۽ اِها آيتِ مُبارَڪ تلاوت فرمائي:

لَوِ اطَّلَعْتَ عَلَيْهِمْ لَوَلَّيْتَ مِنْهُمْ فِرَارًا وَّ لَمُلِئْتَ مِنْهُمْ رُعْبًا ﴿۱۸﴾ (پ١٥،الكهف:١٨)

ترجموڪنز الايمان: اي ٻُڌندڙ جيڪڏهن تون اُنهن کي جهاتِي پائي نهارين تہ پُٺِي ڏئِي ڀڄِين اُنهن کان ۽ اُنهن کان هيبت ۾ ڀرجِي وڃِين.[1]

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اَصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهُم جي جاڳڻ کان پوءِ سڀ کان پهريان هڪ ٻئي کي سلام ڪيو ۽ پوءِ نماز ادا ڪئي. انهن جي ان عمل مان معلوم ٿيو تہ سلام ۽ نماز نهايت قديم عبادتون آهن، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسلام ۾ بہ انهن کي هڪ خاص اهميت ۽ فضيلت حاصل آهي، پر افسوس! جو هاڻي سلام جهڙي پياري پياري سُنّت ختم ٿيندي پئي وڃي ۽ بدقسمتي سان مسجدون بہ نمازين کان خالي ٿين پيون. حالانڪ احاديثِ مُبارَڪ ۾ نماز

1...تفسيرخازن،الكهف،تحت الآية: ١٨، ٢٠٥/٣ ملخصاً

پڙهڻ ۽ مسلمانن کي سلام ڪرڻ جون دلنشين خوشخبريون ارشاد فرمايون ويون آهن. اچو! ترغيب لاءِ سلام ۽ نماز جي فضيلت بابت 2 حديث مبارڪ پڙهون ٿا جيئن

نبي مڪرّم،شفيعِ اُمَم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: اَفْشُوا السَّلَامَ تَسْلَمُوْا يعني سلام کي عام ڪيو سلامتي ملندي.[1] ۽ نماز جي باري ۾ فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو ته مون اوهان جي اُمت تي 5 نَمازون فرض ڪيون آهن ۽ ان جي باري ۾ پنهنجي پاڻ کان عهد ڪيو آهي ته جيڪو انهن کي پابندي سان ان جي وقت ۾ ادا ڪندو، ان کي جنت ۾ داخل ڪندس ۽ جيڪو ان کي پابندي سان ادا نه ڪندو ان جي لاءِ مون وٽ ڪو عهد ناهي.[2] تنهنڪري اسان سيني کي کپي ته سلامتي حاصل ڪرڻ ۽ جنت ماڻڻ جي لاءِ سلام جي سُنّت کي عام ڪيون ۽ پنج وقته باجماعت نماز جي پابندي ڪندا رهون. اچو اسان سڀ نيت ڪيون ٿا ته اڄ کان پوءِ اسان جي ڪا نماز قضا نه ٿيندي، پنج ئي نمازون باجماعت تڪبيرِ اُولىٰ سان ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** اصحابِ ڪهف رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنْهم نماز مان فارغ ٿي يَمْلِيخَا کي چيو ته اوهان وڃو ۽ بازار مان ڪجهه کائڻ لاءِ وٺي اچ ۽ اها به خبر وٺ ته دقيانوس بادشاهه جو اسان جي باري ۾ ڇا ارادو آهي. اهي بازار ويا ته انهن شهر جي دروازي تي اسلامي علامت ڏٺي ۽ اتي نوان نوان ماڻهو ڏٺا، اهو ڏسي ان کي تعجب ٿيو ته هي ڇا معاملو آهي؟ ڪلهه تائين ته ڪو شخص

---

1…ابن حبان، ڪتاب البر والاحسان ،باب افشاء السلام...الخ،ذكر اثبات السلامة ...الخ،۱/۳۵۷ ،حديث:۴۹۱

2…ابو داود،ڪتا ب الصلوة،باب المحافظة على وقت الصلوة،۱/۱۸۸، حديث:۴۳۰

پنهنجو ايمان ظاهر نہ ڪري سگهندو هو جڏهن تہ اڄ اسلامي علامتون ظاهر آهن. پوءِ ڪجهہ دير بعد پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْہ تندور واري جي دُڪان تي ويا ۽ ماني خريدڻ جي لاءِ ان کي دقيانوسي روپيو ڏنو، جنهن جو رواج صديون اڳ ۾ ختم ٿي ويو هو ۽ ان کي ڏسڻ وارو بہ ڪو باقي نہ رهيو هو. بازار وارن خيال ڪيو تہ ڪو پراڻو خزانو اِن کي هٿ لڳو آهي، پوءِ اهي ان کي پڪڙي حاڪم وٽ وٺي ويا، اهو نيڪ شخص هو، هن ان کان پڇيو تہ خزانو ڪٿي آهي؟ انهن چيو تہ خزانو ڪٿي ناهي. اهو روپيو اسان جو پنهنجو آهي. حاڪم چيو: اها ڳالهہ ڪنهن طرح يقين جوڳي نہ آهي، ڇوتہ ان ۾ جيڪو سال لکيل آهي اهو 300 سال اڳ جو آهي ۽ اوهان نوجوان آهيو، اسان پوڙها آهيون، اسان ڪڏهن اهو سڪو ناهي ڏٺو. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْہ فرمايو: نيڪ آهي مان جيڪو توهان کان معلوم ڪيان اهو توهان نيڪ نيڪ ٻڌايو تہ مسئلو حل ٿي ويندو. اهو ٻڌايو تہ دقيانوس بادشاهہ ڪهڙي حال ۾ آهي؟ حاڪم چيو: اڄ رُوئي زمين تي ان نالي جو ڪو بادشاهہ ناهي، سوين سال اڳ هڪ بي ايمان بادشاهہ ان نالي جو گذريو هو. پاڻ فرمايائون: ڪلهہ ئي تہ اسان ان جي خوف سبب جان بچائي ڀڄيا آهيون ۽ منهنجا ساٿي ويجهو جبل ۾ هڪ غار اندر پناهہ ورتي آهي، هلو مان توهان کي انهن سان ملايان، حاڪم ۽ شهر جا سردار ۽ هڪ وڏو تعداد ان سان گڏ غار جي ڪناري پهچي ويا. اَصحابِ ڪهف يَمْلِيخَا جي انتظار ۾ ها، جڏهن انهن گهڻن ماڻهن جي اچڻ جو آواز ٻڌو تہ سمجهيا تہ يَمْلِيخَا پڪڙجي پيو آهي ۽ دقيانوسي فوج اسان جي تلاش ۾ اچي پئي. پوءِ اهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي حمد ۾ مشغول ٿي ويا. ايتري ۾ شهر جا ماڻهو پهچي ويا ۽ يَمْلِيخَا باقين کي سمورو قصّو ٻڌايو، انهن حضرات سمجهي ورتو تہ اسان اللّٰه تعاليٰ جي حڪم سان ايتري وڏي وقت (يعني 300سال کان بہ وڌيڪ عرصي تائين) ستل رهياسين ۽

هاٽي ان ڪري اتاريا ويا آهيون تہ ماڻهن جي لاءِ موت جي بعد زندهہ ٿيڻ جو دليل ۽ نشاني بڻجون.

جڏهن شهر جو حاڪم غار جي ڪناري پهتو ان ٽامي جو صندوق ڏٺو، ان کي کولايو ويو تہ تختي نڪتي، ان تختي ۾ اصحابِ ڪهف رَضِی اللہ تَعَالٰی عَنۡھم ۽ ان جي ڪتي جو نالو لکيل هو. (صِراطُ الجِنان،۵/۵۴۲،بتغير قليل )

## اَصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡھُم جو تعداد ۽ نالا مبارڪ

خليفہ مفتي اعظم هند، شيخ الحديث حضرت علامہ عبد المصطفيٰ اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا: اصحابِ ڪهف رَضِی اللہ تَعَالٰی عَنۡھم جي تعداد جي باري ۾ جڏهن ماڻهن ۾ اختلاف ٿيو تہ اها آيت نازل ٿي:

قُلْ رَّبِّیْۤ اَعْلَمُ بِعِدَّتِهِمْ مَّا یَعْلَمُهُمْ اِلَّا قَلِیْلٌ

**ترجموڪنزالايمان:** تون فرماءِ منهنجو رب انهن جي تعداد کي خوب ڄاڻي ٿو انهن کي نہ ٿا ڄاڻن مگر ٿورا. (پ 15 **الڪهف:** 22) (عجائب القرآن مع غرائب القرآن،ص۱۵۳ )

حضرت عبدالله ابن عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمايو: تہ مان انهن گهٽ ماڻهن مان آهيان جيڪي اصحاب ڪهف جو تعداد ڄاڻن ٿا. اصحابِ ڪهف رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهُم جو تعداد ست آهي انهن جا نالا مبارڪ هي آهن:(1) مَكْسَلْمِينَا، (2) يَمْلِيخَا، (3) مَرْطُوْنَس، (4) بَينُوْنَس، (5) سَارِينُوْنَس، (6)ذُوْنوانس، (7) كَشْفِيطَطْنُوْنَسرَضِی اللہ تَعَالٰی عَنۡھم اَجۡمَعِین ۽ انون انهن جو ڪتو جنهن جو نالو قِطْمِير آهي.[1]

## اَصحاب ِڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡھم جي نالن جي برڪت

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللہ تَعَالٰی عَلَیهِم پنهنجي ڪتابن ۾ اَصحابِ

---

1…تفسير خازن،پ۱۵،الكہف،تحت الآية:۲۲،۴/۲۰۷

ڪهف جي نالن جا فائدا ۽ خاصيتون بيان ڪيون آهن، اچو! اسان بہ هنن نالن جون برڪتون ٻڌون ٿا،

منقول آهي تہ جيڪڏهن اهي نالا لکي ڪري دروازي تي لڳايا وڃن تہ گهر سڙڻ کان محفوظ رهندو آهي، مال دولت تي رکيو وڃي تہ چوري ناهي ٿيندو، ڪشتي يا جهاز ان جي برڪت سان غرق ناهن ٿيندا، ڀڳل شخص ان جي برڪت سان واپس موٽي ايندو آهي، ڪٿي باھ لڳل هجي ۽ اهي نالا ڪپڙي ۾ ويڙهي وڌا وڃن تہ اللّٰہ جي حڪم سان باھ وسامي ويندي آهي، ٻار جي روئڻ، مُدي واري بخار، مٿي جي سور، اُمُّ الصِّبْيان (يعني خاص قسم جي دماغي جهٽڪن ۽ دورن جي بيماري)،خشڪي ۽ تري جي سفر ۾، جان و مال جي حفاظت، عقل جي تيزي ۽ قيدين جي آزادي جي لاءِ اهي نالا فائدي مند آهن.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهم جي صندوق مان نڪرڻ واري تختي ۾ انهن جي نالن جي علاوه اهو بہ لکيل هو تہ اها جماعت پنهنجي دِين جي حفاظت جي لاءِ دقيانوس جي ڊپ مان ان غار ۾ پناھ ورتي آهي، دقيانوس کي خبر ملي تہ هڪ ديوار سان انهن کي غار ۾ بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو، اسان اهو حال ان ڪري لکون ٿا تہ جيئن جڏهن اها غار کُلي تہ ماڻهو انهن جي احوال تي آگاھ ٿين. اها تختي پڙهي سيني کي تعجب ٿيو ۽ ماڻهو اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي حمد ۽ ساراھ ڪئي تہ ان اهڙي نشاني ظاهر فرمائي، جنهن سان موت کان پوءِ اُٿڻ جو يقين حاصل ٿيو. حاڪمِ شهر پنهنجي بادشاھ بَيد رُوس کي ان واقعي جو اطلاع ڏنو، پوءِ بادشاھ بہ باقي معزز ماڻهن ۽ سردارن کي وٺي حاضر ٿيو ۽ شڪرِ

---

1...حاشيہ جمل،پ١٥، الڪهف، تحت الآية: ٢٢، جز ٢،۴/٢٢٣،بتغير قليل

www.dawateislami.net

الٰهي جو سجدو ادا ڪيو تہ الله تعاليٰ ان جي دعا قبول ڪئي. اصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡھُم بادشاھ سان مُعانقو ڪيو يعني گلي مِليا ۽ فرمايائون: اسان توھان ڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪيون ٿا. وَالسَّلَامُ عَلَيكَ وَرَحۡمَةُاللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ، الله تعاليٰ تنھنجي، تنھنجي مُلڪ جي حفاظت فرمائي ۽ جنّن ۽ انسانن جي شر کان بچائي. بادشاھ بيٺو ئي ھو جو اُھي حضرات پنھنجي خواب گاھن ڏانھن واپس موٽي مصروفِ خواب ٿيا ۽ الله تعاليٰ انھن کي وفات ڏني، بادشاھ ھڪ وڻ جي ڪاٺي جي صندوق ۾ انھن جي جسمن کي محفوظ ڪيو ۽ الله تعاليٰ رُعب سان انھن جي حفاظت فرمائي جو ڪنھن کي مجال ناھي جو اتي پھچي سگھي. بادشاھ غار جي مُنڍ تي مسجد بنائڻ جو حڪم ڏنو ۽ ھڪ خوشي جو ڏينھن مُعَيّن (يعني مخصوص) ڪري ڇڏيو تہ ھر سال ماڻھو عيد جيان اتي ايندا ڪن.[1]

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل واقعي مان اسان کي 3 مدني گل حاصل ٿيا: ڀھريون اھو تہ مرڻ کان بعد زنده ٿي اٿڻ حق آھي ۽ اصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡھُم جو واقعو ان جي نشاني ۽ دليل آھي. ٻيو اھو تہ ڪراماتِ اَولياء حق آھن، اصحابِ ڪهف رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنۡھُم نبي نہ بلڪ بني اسرائيل جا ولي آھن، انھن جي ڪرامت اھا بيان ٿي تہ غار ۾ 300 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين سُتل رھيا، ايترو عرصو بي غذا سمھڻ ۽ فنا نہ ٿيڻ يقيناً ھڪ ڪرامت آھي. ھتي اھا ڳالھ ذھن نشين رھي تہ ڪرامت سُتل ھئڻ بہ ظاھر ٿي سگھي ٿي، ان جي لاءِ ولي جو جاڳڻ ضروري ناھي جيئن تہ

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي تفسيرِ قرآن، بنام”صِراطُ الجِنان“ ۾ آھي: ڪرامت ولي کان سمھڻ مھل بہ ظاھر ٿي سگھي

1...صِراطُ الجِنان،پ۱۵،الکہف،تحت الآية:۱۰۔۵،۹/۵،۲۴۱/۵۴۳،ماخوذاًبتغير قليل

www.dawateislami.net

تي ۾ اهڙي طرح بعدِ موت به. انهن جي جسمن کي مٽيءَ جو نه کائڻ اهو به ڪرامتِ اولياء مان آهي. اهو ضروري ناهي ته ولي پنهنجي اختيار سان ڪرامت ظاهر ڪري ۽ ان کي علم به هجي بلڪ بعض اوقات ولي جي اختيار بغير ۽ ان کي علم نه هئڻ باوجود به ڪرامت ظاهر ٿيندي آهي جيئن اصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهم جي واقعي مان ٿيو.[1] ٿيو مدني گل اهو مليو ته بزرگن جي مزارن جي ويجهو مسجدون بنائڻ ۽ هر سال اُن جو عُرس ملهائڻ هرگز ممنوع ناهي بلڪ نيڪ ماڻهن جو طريقو آهي جيئن ته صدْرُ الْاَفَاضِل حضرت علاّمه مولانا سَيد مفتي محمد نعيمُ الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه انهيء واقعي جي روشني ۾ ارشاد فرمائن ٿا: بزرگن جي مزارن جي ويجهو مسجدون بنائڻ اَهلِ اِيمان جو قديم طريقو آهي. بزرگن جي قُرب ۾ برڪت حاصل ٿيندي آهي، ان ڪري الله وارن جي مزار تي ماڻهو برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ويندا آهن، قبرن جي زيارت سُنّت ۽ ثواب جو باعث آهي.[2]

تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر سال جي شروعات ۾ شُهدَاءِ اُحُد عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي قبرن جي زيارت لاءِ ويندا هئا ۽ اُنهن جي لاءِ دُعا ڪندا هئا (فرمائيندا هئا) ته سلامتي هجي توهان تي (راهِ حق ۾) توهان جي صبر ڪرڻ جي سبب ۽ ڪهڙو نه بهتر آهي آخرت جو گهر (جيڪو توهان کي ان جي بدلي ۾ عطا ٿيو).[3]

سِراجُ الهند، حضرت سَيدُنا شاه عبدالعزيز محدثِ دِهلَوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: اولياءِ ڪرام عَلَيهِم رَحْمَةُ اللهِ السَّلام جو عُرس ملهائڻ ان حديثِ پاڪ مان ثابت آهي.[4]

مُفسّرِ شَهير،حڪيم الاُمّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه ارشاد

---

1...صِراطُ الجِنان،پ۱۵،الكهف،تحت الآية:۵،۵۴۴/۱۱بتغير قليل

2...خزائن العرفان،پ۱۵،الكهف،تحت الآية:۲۱،ص۵۵۲بتغير قليل

3...مُصَنَّفعَبْد الرَّزّاق، كتاب الجنائز،باب فى زياة القبور،۳۸۱/۳،رقم:۶۷۴۵ملخصاً

4...فتاویٰ رضويه،۲۰۲/۲۹ملخصاً

www.dawateislami.net

فرمائن ٿا: بزرگن جي آستانن جي برابر مسجد بنائڻ ۾ برڪت جي لاءِ اُتي نمازون پڙهڻ قرآن شريف ۾ ڪوڙ حديثن مان ثابت آهي. سوره ڪهف ۾ آهي: لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيۡهِمۡ مَّسۡجِدًا ﴿۲۱﴾ [1] (ترجموڪنز الايمان: قَسم آهي اسان ته اُنهن تي مسجد ناهِينداسين.) حضورصَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي روضي مبارڪ ۾ اڪثر صحابه ڪرام عَلَیہِمُ الرِّضْوَان جي مزارن وٽ مسجدون آهن، اهي خود صحابه رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھم اَجْمَعِین يا نيڪ ٻانهنعَلَیہِمۡ رَحمَۃُ اللہِ الۡمُبِین ٺاهيون. هاڻي مزاراتِ اولياء وٽ مسلمان مسجدون ٺاهيندا آهن، مقبولن جي قرب ۾ نماز وڌيڪ قبول ٿيندي آهي. مسجدِ نبوي ۾ هڪ نماز جو ثواب پنجاهه هزار(50000) نمازن جي برابر آهي، حُضُوْرِ انور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قُرب جي وجه سان، ربّ تعاليٰ گنهگار اسرائيلين کي فرمايو هو: وَّ ادۡخُلُوا الۡبَابَ سُجَّدًا وَّ قُوۡلُوۡا حِطَّةٌ [2] (ترجمو ڪنز الايمان: ۽ دروازي کان سجدو ڪندي داخِل ٿيو ۽ چئو ته اسان جا گُناهه مُعاف ٿين.) نبين جي قبرن جي برڪت سان توبه قبول ٿيندي. (اللّٰه تعاليٰ) حضرت سَيدُنا زڪريا عَلَيه السَّلَام جو واقعو بيان فرمائي ٿو: هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهٗ ۚ [3] (ترجمو ڪنز الايمان: اُتي زڪريا پنهنجي رب کي سڏيو.) حضرت سَيدُنا زڪريا عَلَيه السَّلَام حضرت سَيدَتُنا بي بي مريم رَضِیَاللہ تَعَالٰی عَنۡها وٽ بيهي پٽ جي دعا گهري، معلوم ٿيو ته بزرگن جي قُرب ۾ توبهه ۽ دُعا وڌيڪ قبول ٿيندي آهي. [4]

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ بزرگانِ دين عَلَیہِمۡ رَحمَۃُ اللہِ الۡمُبِین ۽ اهلِ حق علماءِ ڪرام ڪَثَّرَهُمُ اللہ السَّلام

1…پ۱۵،الکہف:۲۱
2…پ۱،البقرۃ:۵۸
3…پ۳، اٰل عمرٰن:۳۸
4…مرآۃ المناجیح ،۴۴۰/۱ملتقطاًبتغیر قلیل

جو اهو معمول رهيو آهي تہ اهي پنهنجي مشڪلات جي حل جي لاءِ اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيهِمۡ اَجۡمَعِين جي مزارن تي حاضري ڏيندا هئا. اچو! ان باري ۾ معمولاتِ بزرگانِ دين ملاحظ فرمايون،

1. حضرت سَيدُنا حسن بن ابراهيم خَلّال حنبلي رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: مون ڪي جڏهن ڪو معاملو پيش ايندو آهي، مان حضرت سَيدُنا امام موسيٰ بن جعفر رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰي عَلَيه جي مزارِ پُر انوار تي حاضر ٿي سندن وسيلو پيش ڪندو آهيان. الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مشڪل کي آسان ڪري مونکي منهنجي مراد عطا ڪندو آهي.(1)
2. شافِعين جا عظيم پيشوا حضرت سيدُنا امام محمد بن اِدريس شافِعي رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: مون کي جڏهن ڪا حاجت پيش ايندي آهي تہ مان ٻہ رَڪعْت نَماز ادا ڪري حضرت سيدُنا امامِ اعظم ابو حنيفہ رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰي عَلَيه جي مزارِ پُر انوار تي وڃي الله عَزَّوَجَلَّ کان دعا گهران ٿو، اللهعَزَّوَجَلَّ منهنجي حاجت جلد پوري ڪندو آهي.(2)
3. حضرت سيدُنا يحييٰ بن سليمانرَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: مون کي هڪ حاجت پيش ٿي ۽ مان ڪافي تنگدست بہ هئس. مون حضرت سيدُنا معروف ڪرخيرَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰي عَلَيه جي قبرِ اَنور تي حاضري ڏني، 3 ڀيرا سُوره اِخلاص جي تلاوت ڪئي ۽ ان جو ثواب سندن رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰي عَلَيه ۽ سمورن مُسلمانن جي روحن کي بخشيو پوءِ پنهنجي حاجت بيان ڪئي. فرمائن ٿا تہ مان ان حال ۾ واپس موٽيس جو منهنجي حاجت پوري ٿي چڪي هئي.(3)
4. حضرت سيدُنا عبدالرحمٰن بن محمد زهري رَحۡمَةُ اللهِ‌تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: حضرت

1...تاريخ بغداد، مقدمة المصنف،باب ماذكر فى مقابر بغداد...الخ،١/ ١٣٣

2...الخيرات الحِسان،الفصل الخامس والثلاثون ،ص ٩٤ملتقطاً

3...الروض الفائق،المجلس الرابع والثلاثون الخ، ص١٨٨

سيدنا معروف ڪرخي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيه جي مزار جي حاضري مُرادون پوريون ٿيڻ جي لاءِ مُجَرَّب (يعني تجربہ شُده) آهي ۽ جيڪو سندن مزار وٽ 100 ڀيرا سوره اِخلاص جي تلاوت ڪري، پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ کان سوال ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي حاجت کي پورو فرمائيندو.[1]

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ الله وارن جي مزارن جون بہ خوب برڪتون آهن جو اتي اچڻ وارو خالي ناهي موٽايو ويندو بلڪ مَن جون مرادون ماٽيندو آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان بہ بزرگن جي محبت ۽ عقيدت وڌائڻ جي لاءِ شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري وقتاً فوقتاً انهن جي مزارن جي حاضري ۽ انهن جي عُرس ۾ شرڪت جو اهتمام ڪيون، عُرس جي موقع تي نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ جي نيت سان خوب رسالا ورهائڻ جي ترڪيب ڪئي وڃي، زائرين کي نماز جي پابندي جي تلقين ڪئي وڃي، مدني انعامات تي عمل ڪرڻ ۽ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي لاءِ اِنفرادي ڪوشش جو سلسلو ڪيو وڃي، مسجد ۽ فِناء مسجد کان علاوه جتي ممڪن هجي مدني چينل جي ذريعي مدني مذاڪرو ڏسڻ/ ڏيکارڻ جو باقاعده اِهتمام ڪيو وڃي، هفتيوار اجتماع جي ڏينهن قريبي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏني وڃي."مدني تربيت گاه" قائم ڪري عاشقانِ رسول کي فرض علوم، سُنّتون ۽آداب سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

## ڪتاب "فيضانِ مزاراتِ اولياء" جو تعارُف

اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جي شان ۽ عظمت ۽ ان جي مزارن تي حاضري جون وڏيڪ برڪتون ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 138 صفحن تي مشتمل ڪتاب " فيضانِ مزاراتِ اوليا" جو مطالعو فرمايو، اهو ڪتاب

1…مناقب معروف الكرخى ،الباب السابع والعشرون فى ذكر فضيلة زيارة قبره …الخ ،ص٢٠٠

عارف بِاللّٰه امام عبدُ الغني بن اسماعيل نابُلُسِي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه جي عربي ڪتاب جو اُردو زبان ۾ ترجمو آهي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ فضائلِ اولياء تي مشتمل آيتن، حديثن کان علاوه ولايت، ڪرامت ۽ اوليا جا قسم، انهن جي باري ۾ اهم اُمور، قبرن جا مختلف احوال، جعلي پيرن جي مذمّت، مزاراتِ اولياء جون برڪتون، اتي حاضري جا آداب ۽ ڪوڙ اهم معلومات کي گڏ ڪيو ويو آهي. تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديةً طلب فرمائي پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

متامنا اسلامي ڀائرو! ڪجهه ماڻهن جي ذهنن ۾ شيطان اهو وسوسو وجهندو آهي تہ ڏينهن مُعَيّن يعني مخصوص ڪري خوشي جو اظهار ڪرڻ يا عُرس ملهائڻ جائز ناهي. ياد رکو! ڏينهن مُعَيّن يعني مخصوص ڪري خوشي جو اظهار ڪرڻ ۽ اللّٰه وارن جو عرس ملهائڻ ۾ شرعاً ڪو حرج ناهي ۽ اها ڳالهه بہ ذهن نشين رهي تہ بنا شرعي سبب جي ان جائز ۽ مستحب ڪمن کي ناجائز چوڻ هرگز عقلمندن جو طريقو ناهي. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهعَزَّوَجَلَّ ڏينهن مقرر ڪري خوشي جو اظهار ڪرڻ يا خوشي ملڻ واري ڏينهن کي پنهنجي لاءِ عيد جو ڏينهن قرار ڏيڻ، نيڪ ۽ پرهيزگار ماڻهن جي معمولات ۾ شامل رهيو آهي.

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي حضرت سَيدُنا عيسيٰ رُوحُ اللّٰه عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي حوارين (يعني پنهنجي اصحاب) جي درخواست تي بارگاه اِلٰهي ۾ آسمان تان دسترخوان لاهڻ ۽ پوءِ ان کي پنهنجي ۽ پنهنجي قوم جي لاءِ عيد جو

ڏينهن قرار ڏيڻ جي لاءِ عرض گذار ٿيا، جنهن بابت سيپاري 7سوره مائِدَه جي آيت نمبر 114 ۾ ائين بيان فرمايو ويو آهي:

قَالَ عِيۡسَى ابۡنُ مَرۡيَمَ اللّٰهُمَّ رَبَّنَاۤ اَنۡزِلۡ عَلَيۡنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ تَكُوۡنُ لَنَا عِيۡدًا لِّاَوَّلِنَا وَ اٰخِرِنَا وَ اٰيَةً مِّنۡكَ ۚ وَ ارۡزُقۡنَا وَ اَنۡتَ خَيۡرُ الرّٰزِقِيۡنَ ﴿۱۱۴﴾
(پ۷،المائدة:۱۱۴)

**ترجموڪنزالايمان:** عِيسىٰ پُٽ مريم جي عرض ڪيو اي الله اي اسان جا رب اسان تي آسمان مان خُونچو نازل فرماءِ جيئن اُهو اسان جي واسطي عِيد ٿئِي، اسان جي اڳين پوين جِي عِيد ۽ تُنهنجي طرف کان نِشانِي ۽ اسان کي رزق ڏي ۽ تُون سڀُني کان ڀلو روزِي ڏِيندڙ آهين.

شيخ الحديث حضرت علامہ عبد المصطفيٰ اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: حضرت سَيدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي دُعا مان اهو سبق ملي ٿو تہ جنهن ڏينهن قدرتِ خداوندي جي ڪا خاص نشاني ظاهر ٿئي انهي ڏينهن خوشي ڪرڻ ۽ مسرت و شادماني جو اظهار ڪري عيد ملهائڻ حضرت سَيدُنا عيسيٰ روحُ الله عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي مُقَدَّس سُنّت آهي.[1] بالفرض عُرس جي موقعي تي جيڪڏهن ڪتي خلافِ شرع ڪم ٿيندا ہ آهن تہ انهن ڪمن کي ختم ڪيو ويندو نہ ڪي عرس کي جيئن،

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 679 صفحن تي مشتمل ڪتاب"جنّتي زيور" صفحي 206 تي آهي: اولياءِ ڪرام عَلَيهِم رَحۡمَةُ اللهِ السَّلام جي مزارات تي حاضري مسلمانن جي لاءِ سعادت ۽ برڪت جو سبب آهي، انهن جي نياز ۽ فاتحہ ايصالِ ثواب مستحب ۽ خير و برڪت جو هڪ وڏو ذريعو آهي. البت عُرسن ۾ جيڪي خلافِ شريعت ڪم ٿيڻ لڳا آهن

1...عجائب القرآن مع غرائب القرآن،ص۹۳ملخصاً

مثال طور قبرن کي سجدو ڪرڻ، عورتن جو بي پرده ٿي مَردن جي ميڙ ۾ گُهمڻ ڦرڻ، عورَتن جو اگهاڙي مٿي مزارن وٽ جُهومڻ، دانهون ڪرڻ، نامحرم مَردن کي ڏسڻ، ساز وڄائڻ، ناچ ڪرائڻ، اهي سڀ خُرافات هر حالت ۾ هر هنڌ منع آهن، بزرگن جي مزارن وٽ ته ويتر وڌيڪ مذموم آهن، پر ان خرافات ۽ ممنوعات جي ڪري اهو نتيو چئي سگهجي ته بزرگن جو عرس حرام آهي، بلڪ ان جي بدارن جيڪي ڪم حقيقت ۾ حرام ۽ منع آهن، ان کي روڪڻ لازم آهي. نڪ تي جيڪڏهن مک ويٺل آهي ته مک کي اڏائڻ گهرجي نڪ ڪٽي اڇلائڻ نه گهرجي. اهڙي طرح جيڪڏهن جاهلن ۽ فاسقن عرس ۾ ڪجھ حرام ۽ ممنوع ڪمن کي شامل ڪيو آهي، ته ان حرام ۽ ممنوع ڪمن کي روڪيو ويندو، عرس کي ئي حرام نه چيو ويندو.(1)

ہم کو سارے اَولیاء سے پیار ہے اِنْ شَآءَ الله! اپنا بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "صداءِ مدينہ"

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو! فيضانِ قرآن سان مالا مال ٿيڻ، اولياءِ ڪرام** عَلَيهم رَحمَةُ الله ِالسَّلام **جي محبت ۽ عقيدت ۾ وڌيڪ اضافو ڪرڻ، علمِ دين سکڻ ۽ عمل جو جذبو دل ۾ پيدا ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيو، ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ به وڌ کان وڌ حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم روزانو "صداءِ مدينه لڳائڻ" به آهي. دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول ۾ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جڳائڻ کي "صَداءِ مدينه" لڳائڻ چوندا آهن، تنهنڪري اوهان به صَداءِ مدينہ لڳايو ۽**

1… (جنتی زیور،ص۶۰۲ بتغير قليل)

مَسجدن جي آباد ڪاري ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ صداءِ مدينہ لڳائڻ سنتِ صحابہ آهي، اَمِيرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائيندي مسجد ڏانهن ويندا ها.[1] اچو! ترغيب لاءِ صداء مدينہ لڳائڻ جي هڪ ايمان افروز مدني بهار ٻڌون ٿا.

## ڪلمي شريف جو ورد ڪرڻ لڳو

ضلعو اوڪاڙه (پنجاب پاڪستان) جي شهر دِيپالپور جي اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ منهنجا چاچا دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ۽ اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مريد ها. پڙهيل لکيل نہ هئا پر مَدَني ڪمن ۾ شرڪت رهندي هئي. صداءِ مدينہ جو روزانو معمول هو ۽ ان جي لاءِ صبح جلدي بيدار ٿي پري پري تائين صداء مدينہ لڳائي مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ بيدار ڪندا ها. ان عادت جي ڪري هو "ديپالپور" ۾ مشهور ها. 26 رَمَضانُ المبارڪ ١٤٢٦ھ اسان جا چاچا، سردار آباد (فيصل آباد) کان موٽي رهيا ها. عشاء جي نماز جو وقت ٿيڻ تي گاڏي روڪي نمازِ عشاء ادا ڪئي، پوءِ اڳتي روانو ٿيا، گاڏي تيز رفتاري سان وڃي رهي هئي جو اوچتو چاچي بلند آواز سان ڪلمو پاڪ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پڙهيو ۽ فرمايو سڀ ڪلِمو پڙهو. سڀني ڪلِمي شريف جو ورد شروع ڪيو، اجا ڪجھ ئي دير گذري هئي جو گاڏي کي اوچتو هڪ زور دار جهٽڪو لڳو ۽ گاڏي ڪلٽي ٿي وئي ۽ لُڙڪندي کائي ۾ ڪري پئي. ٻيا ماڻهو معمولي زخمي ٿيا پر چاچي کي شديد زخم ٿيا، شديد تڪليف جي باوُجود سندن زبان تي بلند آواز سان ڪلِمي شريف لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جاري هو ۽ اهڙي طرح ڪلمي شريف جو وِرد ڪندي اسان جو چاچو محمد رفيق عطاري

1...طبقات ڪبرىٰ، ذڪر استخلاف عمر، ٢٦٣/٣،مفهوماً

انتقال ڪري ويو. سندن تدفين ٻي ڏينهن رَمَضان المبارڪ جي 27ويهين رات عمل ۾ آندي وئي.

يقيناً مقدّر کا وہ ہے سکندر جسے خیر سے مل گیا مدنی ماحول
اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ دیگا سِکھا مدنی ماحول
تمہیں لُطف آجائے گا زندگی کا قریب آکے دیکھو ذرا مدنی ماحول
یہاں سُنّتیں سیکھنے کو ملیں گی دِلائے گا خوفِ خدا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نسبت جون بهارون

مناما اسلامي ڀائرو! نسبت جون ٻہ ڪهڙيون نہ بهترين بهارون آهن: اصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم جو ڪتّو، الله عَزَّ وَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن ڪان نسبت حاصل ٿيڻ سبب عزّت ۽ شرف وارو بڻجي ويو. ياد رکو تہ ◈نسبت هڪ عظيم حقيقت آهي◈نسبتن جي ڪري بي قدر بي قيمت شيون قيمتي ٿي وڃن ٿيون ◈ نسبت کي اسان جي معاشري ۾ بہ وڏي اهميت حاصل آهي جو ڪافي ماڻهن کي صرف انهن جي پيءُ ڏاڏي جي نسبت سان سڃاڻيندا آهن ◈ دنيا ڏانهن نظر ڪٽي ڏسون تہ اسان کي ڪيئي عجائبات نظر ايندا، مثال طور قديم ڪرسيون، ڪتاب، فن پارا، قديم زماني جا سِڪا، هٿيار، تلوارون، ٽيارا لباس، ٿانوَ، اوزار وغيره اڄ بہ سڄي دنيا جي عجائب خانن (Museums) جي زِينت آهن، ان ڪري هاڻي اهي معمولي شيون نہ رهيون بلڪ قديم زمانن ، ملڪن، بادشاهن، قومن، تهذيبن ۽ شخصيتن سان منسوب ٿيڻ سبب ان معمولي شين کي ايتري شهرت ۽ اهميت حاصل ٿي وئي جو هاڻي انهن کي قيمتي شين جيان وڏي اهتمام سان محفوظ رکيو ويو آهي، جيڪڏهن انهن

شين کي ڪا خاص نسبت حاصل نہ هجي ها تہ اهي انمول ٿيڻ بدران بدستور بي قدر و قيمت ئي رهن ها بلڪ گهٽو اڳ ۾ ئي انهن جو وجود مِٽجي وڃي ها ◈ الله تعاليٰ قرآنِ ڪريم ۾ حضورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جان، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت رکڻ واري شهرِ مڪہ جو قسم ارشاد فرمايو ◈نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ بيبين رَضِيَاللهُ تَعَالٰى عَنْهُنَّ کي جڏهن نسبتِ رسول نصيب ٿي تہ اهي مومنن جون مائرون سڏيون ويون ۽ خاڪ مدينہ کي جڏهن نسبتِ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حاصل ٿي تہ اها خاڪ شِفا سڏائي ٿي ◈ نسبت جي ئي سبب ساداتِ ڪرام افضل ۽ اعليٰ آهن ◈ نسبت جي ئي بدولت حضرت سَيِدُنا جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلام جي گهوڙي جي قدمن جي خاڪ سببِ حيات بڻجي وئي ◈نبين عَلَيهِمُ السَّلام جي نسبت جو صدقو هو جو بني اسرائيل تابوتِ سڪينہ جي برڪت سان دشمنن تي فتح حاصل ڪندا ها ◈ نسبت جي ئي برڪت هئي جو حضرت سَيِدُنا يوسف عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي جسمِ اطهر سان مس ٿيل مُبارَڪ قميص جي ڪري حضرت سَيِدُنا يعقوب عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي اکين جو نور موٽي آيو ◈ مخصوص ملڪن، شهرن، علاقن، گهٽين، رستن، گهرن، محلن، مهينن، ڏينهن، تاريخن، قومن، هنڌن ۽ شخصيتن ايستائين جو روز مَرَّه استعمال ٿيڻ واري عام شين جي قابلِ احترام ۽ لائقِ تعظيم ٿيڻ ۾ انهيءَ نسبت جو فيضان آهي.

مُفَسّرِ شَهير،حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه نسبت جي اهميت کي وڏيڪ اُجاگر ڪندي فرمائن ٿا: صفا ۽ مروه اُهي جبل آهن جن تي حضرت سَيِدَتُنا هاجِره رَضِيَاللهُ تَعَالٰى عَنْها پاڻي جي تلاش ۾ 7 ڀيرا چڙهيون ۽ لٿيون. ان الله واريءَ جي قدم پئجڻ جي بر ڪت سان اهي بڻئي جبل الله عَزَّ وَجَلَّ جي نشاني بڻجي ويا ۽ قيامت تائين حاجين تي ان پاڪ بيبي رَضِيَاللهُ تَعَالٰى عَنْها جي

نقل ڪرڻ ۾ ان تي چڙهڻ ۽ لهڻ 7 ڀيرا لازم ٿي ويو. بزرگن جا قدم لڳڻ سان اها شيء الله عَزَّوَجَلَّ جي نشاني بڻجي وئي. مقامِ ابراهيم اهو پٿر آهي، جنهن تي بيهي حضرت سَيدُنا ابراهيمخليلُ اللهعلي نَبِينا وَ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلام ڪعبہ معظم جي تعمير ڪئي، اهو بہ حضرت سَيدُنا ابراهيم خليلُ اللهعلي نَبِينا وَ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلام جي برڪت سان الله عَزَّوَجَلَّ جي نشاني بڻجي ويو ۽ ان جي تعظيم اهڙي لازم ٿي جو طواف جا نفل ان جي سامهون بيهي پڙهڻ سُنّت ٿي ويا جو سجدي ۾ مٿو ان پٿر جي سامهون (الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾) جهڪي. جڏهن بزرگن جا قدم پوڻ سان صفا مروه ۽ مقامِ ابراهيم الله عَزَّوَجَلَّ جي نشاني بڻجي ويا ۽ تعظيم لائق ٿي ويا تہ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلوٰةُ وَ السَّلام ۽ اولياءِ ڪرام رَحمَةُ اللهِتعَالٰي عَلَيهِمْ اَجْمَعِين جون قبرون تہ جن ۾ اُهي حضرات دائمي قيام فرما آهن، يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ جون نشانيون آهن ۽ ان جي تعظيم لازم آهي. اَصحابِ ڪهف رَضِي الله تَعَالٰي عَنْهم جو غار جنهن ۾ اُهي آرام فرما آهن اڳوڻي زماني جي مسلمانن اتي مسجد بڻائي ۽ رَبّ عَزَّوَجَلَّ انهن جي ان ڪم تي ناراضگي جو اظهار نہ ڪيو، ان سان معلوم ٿيو تہ اها جڳهہ الله عَزَّ وَجَلَّ جي نشاني بڻجي وئي، جنهن جي تعظيم ضروري ٿي وئي. جيڪو جانور قرباني جي لاءِ يا ڪعبي شريف جي لاءِ خاص ٿي وڃي، اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي نشاني آهي، ان جو احترام ڪرڻ گهرجي، جيئن قرآن جو جُزدان، غلافِ ڪعبہ، آبِ زمزم ۽ سر زمينِ مڪہ شريف وغيره جو احترام ڪرڻ ضروري آهي، ڇوتہ ان ڪي رَبّ عَزَّوَجَلَّ يا ان جي پيارن سان نسبت آهي، تنهنڪري اِنهن سيني جي تعظيم ضروري آهي.طُورِ سينا جبل ۽ مڪو شريف ان ڪري عظمت وارا بڻجي ويا جو طُو ر کي حضرت سَيدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلَيه السَّلام سان ۽ مڪہ معظمہ کي اسان جي پياري آقا، حبِيبُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت ٿي وئي.خلاصو هي آهي تہ الله جي پيارن جون شيون الله عَزَّ وَجَلَّ جون نشانيون آهن، الله عَزَّوَجَلَّ جي نشانين جي تعظيم ۽ توقير قرآني فتوي سان دِلي تقويٰ آهي،

www.dawateislami.net

تنهنڪري جيڪو نمازي روزيدار تہ هجي پر ان جي دل ۾ تبرُّڪات جي تعظيم نہ هجي اهو دِلي پرهيزگار ناهي.[1]

دونوں عالم میں ہُوا وہ سُرخرُو
جس کو اُن کی چشمِ رحمت مل گئی
میں اِمام احمد رضا کا ہُوں غلام
کتنی اعلیٰ مجھ کو نِسبت مل گئی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! هينئر اسان نسبت جون بهارون ملاحظ ڪيون، جيڪڏهن اسان اصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنۡهم جي واقعي تي غور ڪيون تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اتي بہ اسان کي نسبت جو فيضان ڏسڻ ۾ ايندو. ڪتّي کي عام طور هڪ معمولي جانور سمجهيو ويندو آهي، راهه هلندڙن تي ڀونڪڻ ان جي عادت ۾ شامل هوندو آهي، پر جيڪڏهن انهي جانور کي الله وارن جي نسبت ۽ صحبت ملي وڃي تہ پوءِ اهو عام ڪتّو ناهي رهندو بلڪ ان جي شان و شوڪت ۾ اهميت و رِفعت ڪيئي گُنا وڌي ويندي آهي،اصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنۡهم جي ڪتّي جو بہ ڪجهه اهو ئي معاملو آهي ڀهريان اهو هڪ عام ڪتّو هو پر ان کي اَصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنۡهم سان محبت ۽ اُلفت ٿي وئي تنهنڪري اهو ان الله وارن جي محبت ۾ انهن جو رفيق ۽ شريڪِ سفر ۽ محافظ بڻجي ويو، اولياء ڪرام عَلَيهم رَحۡمَةُ الله ِ السَّلام جي صحبت ۽ نسبت جون برڪتون ان جا نصيب ٿيون، ان جي تہ قسمت چمڪي پئي ان جو مقام ۽ مرتبو ايترو بلند ٿيو جو ربّ ذُوالجلال عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجي پاڪيزه ڪلام قرآنِ ڪريم ۾

1...علم القرآن،ص۴۸تا۵۰ ،ملتقطا،بتغير قليل

پنهنجي مقبول ٻانهن يعني اصحابِ ڪهف رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہم سان گڏ ان جو بہ ذڪر فرمايو، جيئن سيپاري 15سورة الڪهف جي آيت نمبر18 ۾ ارشادِ خداندي آهي:

وَ كَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ ؕ
(پ۱۵،الكهف:۱۸)

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ سندن ڪُتو بہ پنهنجُون ڪَرائيون پکيڙِيندڙ آهي غار جِي چانئُٺ تي

مُفَسّرِشهير،حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰہِتَعَالٰی عَلَیه هن آيتِ مُبارَڪ جي تَحت فرمائن ٿا: بُزُرگن جي صحبت جو ڪتّي تي ايترو اثر ٿيو جو ان جو ذِڪر عزّت سان قرآن ۾ آيو ۽ ان جي نالي جا وظيفا پڙهيا وڃن ٿا، ان ڪي هميشہ جي زندگي نصيب ٿي وئي. مِٺي ان ڪي ناهي ڪائيندي تہ جنهن انسان ڪي نبي جي صحبت نصيب ٿئي ان جي چا ڳالھ ڪجي! [1]

## ڪتي جي نقصان کان محفوظ رهڻ جو وظيفو

صدرُ الافاضِل حضرت علامہ مولاناسيد مفتي محمد نعيم الدّين مُراد آبادي رَحۡمَةُ اللّٰہِتَعَالٰی عَلَیه فرمائن ٿا تہ تفسيرِ ثَعْلَبي ۾ آهي: جيڪو هنن ڪلمات وَ كَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ ؕ کي لکي ڪر پاڻ سان گڏ رکي ڪتّي جي شر کان اَمن ۾ رهندو.[2] جيڪڏهن ڪتّو ڀونڪندي اڳتي وڌي حملو ڪري تہ اهي قرآني ڪلمات پڙهي ونو. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اهو ڪجھ نہ بگاڙي سگھندو. [3]

اصحابِ ڪهف رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہم جي ڪتّي جو مقام ۽ مرتبو بيان ڪندي اعليٰ حضرت،امامِ اهلسنت مولانا شاھ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰہِتَعَالٰی عَلَیهفرمائن ٿا: اَصحابِ ڪهف رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہم جو ڪتّو بلعم باعُور جي شڪل (جو) ٻڌجي جنّت ۾

1…نور العرفان،پ۱۵،الكہف،تحت الآیۃ۱۸، ص۴۷۰بتغیر قلیل
2…خزائن العرفان،پ۱۵،الكہف،تحت الآیۃ۱۸، ص۵۵۱بتغیر قلیل
3…سگِ مدینہ کہنا کیسا؟ ،ص۳۱

www.dawateislami.net

ويندو ۽ اهو ان ڪتّي جي شڪل(جو) تي دوزخ ۾ پوندو.اُن (يعني اصحابِ ڪهف جي ڪتّي) محبوبانِ خدا جو ساٿ ڏنو، اللّٰه (عَزَّ وَجَلَّ) ان کي انسان بڻائي جنّت عطا فرمائي ۽ ان (يعني بلعم باعُور) محبوبانِ خدا سان عداوت (يعني دشمني) ڪئي (نتيجي ۾ اهو تباھ و برباد ٿي ويو) .[1]

مُفَسّرِشهير،حڪيمُ الْاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: ڪجھ جانور جنّت ۾ ويندا: (1) حُضُور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاچي قَصوا،(2)اَصحابِ ڪهف رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْهم جو ڪتّو،(3) حضرت سَيدُنا صالح عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ڏاچي ۽ (4) حضرت سَيدُنا عيسيٰ رُوْحُ اللّٰه عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو دراز گوش.[2] هڪ ٻي مقام تي ارشاد فرمائن ٿا: جيڪڏهن زمين مسجد جي لاءِ وقف ٿئي تہ ان جو شان ۽ عظمت وڌي ويندي آهي،اصحابِ ڪهف رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰي عَنْهم جي ڪتّي پنهنجي زندگي اللّٰه تعاليٰ جي پيارن جي لاءِ وقف ڪئي تہ ان کي هميشہ جي زندگي ملي وئي، زمين ۽ ڪتّو زندگي وقف ڪرڻ جي سبب سان شان وارا ٿي ويا، تہ جيڪڏهن انسان پنهنجي زندگي اللّٰه تعاليٰ جي رِضا ۽ خوشنودي جي حُصُول جي خاطِر دِين جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ملائڪن کان بہ افضل ٿي ويندو.[3]

## اللّٰه تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن سان محبت جي برڪت

حضرت سَيدُنا اِمام ابو عبدُاللّٰه محمد بن اَحمد قرطبي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: جڏهن نيڪ ٻانهن ۽ اولياء ڪرام عَلَيهم رَحْمَةُ اللّٰه السّلام جي صحبت ۾ رهڻ جي برڪت سان هڪ ڪتّو ايترو بلند مقام ماڻي ويو جو اللّٰه تعاليٰ ان جو ذڪر قرآنِ پاڪ ۾ فرمايو تہ ان مسلمان جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي جيڪو

1...ملفوظاتِ اعلی حضرت،ص۳۶۶ بتغير قليل

2...مرآة المناجيح،۵۰۱/۷بتغير قليل

3...تفسيرِ نعيمى،پ۳،البقرة،تحت الآية:۲۷۳،۱۳۴/۳بتغير قليل

www.dawateislami.net

اولياء ڪرام عَلَيهم رَحْمَةُ اللهِ السَّلام ۽ نيڪ ٻانهن سان محبت ڪرڻ وارو ۽ ان جي صحبت کان فيضياب ٿيڻ وارو آهي بلڪ هن آيت ۾ ان مسلمانن جي لاءِ تسلّي آهي جيڪي ڪنهن بلند مرتبي تي فائز نہ آهن.[1] يعني ان جي لاءِ تسلّي آهي جو اهي پنهنجي ان محبت ۽ عقيدت جي ڪري الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ ڪامياب ٿيندا.[2]

خاک مجھ میں کمال رکھا ہے مرشدی نے سنبھال رکھا ہے
میرے عیبوں پہ ڈال کر پردہ مجھ کو اچھوں میں ڈال رکھا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ کپي تہ الله وارن سان خُوب خُوب عقيدت ۽ محبت رکون ۽ ان سان گڏوگڏ انهن جي نقشِ قدم تي هلندي نماز روزي جي پابندي ڪيون ۽ سٺا عمل اختيار ڪندي بُرن عملن کان هر دَم پاڻ کي بچائڻ جي ڀرپور عملي ڪوشش جاري رکون. خاص طور تي الله وارن جي بي اَدبي ،دُشمني ۽ عداوت کان پري رهون، ڇوتہ ان جو انجام نهايت بُرو آهي: حديثِ قُدسي ۾ آهي، الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: مَنْ عَادٰى لِي وَلِيًّا فَقَدْ اٰذَنْتُهُ بِالْحَرْبِ جنهن منهنجي ڪنهن ولي سان دُشمني ڪئي مان ان سان اعلانِ جنگ ڪيان ٿو.[3]

بي ادبي جي مذمّت بيان ڪندي نبي ڪريم،رؤفٌ رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَدَبُ السُّوْءِ كَعِرْقِ السُّوْءِ يعني بي ادبي نهايت بُري عادت جيان آهي.[4]

حضرت سَيِدُنا عبدُالله بن مُبارَڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: اسان کي گهٽي علم

1...تفسير قرطبی، پ١٥،الکهف، تحت الآية: ١٨،الجزء١٠،٥/٢٦٩
2...صِراطُ الجِنان،پ١٥،الکہف،تحت الآیۃ:١٨، ٥/ ٥٥٠
3...بخاری،کتاب الرقاق،باب التواضع...الخ،٤/ ٢٤٨،حديث:٦٥٠٢
4...شعب الايمان،باب فی الجود والسخاء،حديث:١٠٩٧٤،٧/ ٤٥٥

جي مقابلي ۾ توڙي ادب جي وڏيڪ ضرورت آهي.[1] اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت مولانا شاهه امام احمدرضاخان رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه ارشاد فرمائن ٿا: لَادِيۡنَ لِمَنۡ لَّا اَدَبَ لَه يعني جيڪو با ادب ناهي ان جو ڪو دِين ناهي.[2] ڪنهن دانا جو قول آهي: مَاوَصَلَ مَنۡ وَصَلَ اِلَّا بِالۡحُرۡمَةِوَمَاسَقَطَ مَنۡ سَقَطَ اِلَّا بِتَرۡكِ الۡحُرۡمَةِ يعني جنهن جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو اَدب ۽ احترام ڪرڻ جي سبب ئي ماڻيو ۽ جنهن جيڪو ڪجهه وڃايو اهو اَدب ۽ احترام نه ڪرڻ جي سبب ئي وڃايو.[3]

مشهور چوڻي آهي ته"با ادب با نصيب، بے ادب بد نصيب" تنهنڪري هر مسلمان ڪي گهرجي ته اهو بي ادبيءَ بي ادبن کان پري رهيءَ دِل و جان سان الله عَزَّ وَجَلَّ جي ولين جو ادب ڪري چاڪاڻ ته ادب انسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابيون ۽ عزت ۽ شهرت ڏياريندو آهي، هيءَ اها انمول شيء آهي جو جنهن جي تعليم خود ربّ ڪائنات عَزَّ وَجَلَّ پنهنجي مدني حبيب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ارشاد فرمائي جيئن نَبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اَدَّبَنِيۡ رَبِّيۡ فَاَحۡسَنَ تَاۡدِيۡبِيۡ يعني مونکي منهنجي ربّ عَزَّ وَجَلَّ ادب سيکاريو ۽ نهايت بهتر ادب سيکاريو. (جامع صغير،حرف الهمزه،حديث:۳۱۰،ص۲۵ ) بهرحال عزّت ۽ ذِلّت سڀ الله عَزَّ وَجَلَّ جي اختيار ۾ آهي، اهو چاهي ته پنهنجي پيارن سان نسبت ۽ ان جو ادب ڪرڻ جي برڪت سان هڪ ڪتّي کي به نوازي ڇڏي ۽ ان جي مٿي تي عزّت جو تاج سجائي ان کي جنّت جو پروانو عطا ڪري ڇڏي ۽ چاهي ته بلعم بن باعور جهڙي مقبولِ بارگاهه کي بي ادبي ۽ گستاخي جي سبب سان پنهنجي بارگاهه مان ڌتڪاري ڇڏي.

---

1...رساله قشيريه،باب الادب، ص۳۱۷
2...فتاویٰ رضويه،۱۵۸/۲۸
3...راهِ علم،ص۲۹

www.dawateislami.net

بَلْعَم باعُور بني اِسرائيل ۾ تمام وڏو عالِم هو. مُسْتَجَابُ الدَّعَوَات هو (يعني اُن جي دُعا قبول ٿيندي هئي) مال جي لالچ ۾ حضرت موسيٰ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي لاءِ بَد دُعا ڪرڻ چاهي، جيڪي لفظ حضرت سَيِدُنا موسيٰ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي لاءِ چوڻ چاهي پيو، پنهنجي لاءِ نڪرندا ها الله (عَزَّوَجَلَّ) ان کي هلاڪ ڪري ڇڏيو.(ملفوظاتِ اعليٰ حضرت،ص۳۶۷بتغيرِ قليل) اسان الله عَزَّوَجَلَّ کان عافيت جو سوال ڪيون ٿا.

محفوظ سَدا رکھنا شہا! بے ادبوں سے اور مجھ سے بھی سرزد نہ کبھی بے ادبی ہو
(وسائلِ بخشش مرمم،ص315)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جامعةُ المدينہ آن لائن

مٺامنا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي 100 کان وڌيڪ شعبن ۾ دينِ متين جي خدمت ۾ مصروف آهي، جنهن مان هڪ شعبو "جامعة المدينہ آن لائن"بہ آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ !جامعة المدينہ آن لائن جي تحت بہ مختلف ڪورسز جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي، اهي ڪورسز ڪهڙا ڪهڙا آهن، اچو! ان ڪورسز جون ڪجهہ جهلڪيون پڙهون ٿا: ◈ طهارت ڪورس،◈نماز ڪورس،◈عقائد و فِقہ ڪورس◈فيضانِ زڪوٰة ڪورس◈درسِ نظامي آن لائن◈فيضانِ بهارِ شريعت ڪورس◈فيضانِ فرض علوم ڪورس،◈فيضانِ تفسير ڪورس ◈ تجهيز و تڪفين ڪورس،◈فيضانِ تفسير صراط الجنان ڪورس،◈فيضانِ رمضان ڪورس، ◈قُرباني ڪورس وغيره . هر ڪورس جي مُدّت ۽ دورانيو مختلف آهي، هنن ڪورسز ۾ داخلن جو طريقو دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ

(www.dawateislami.net) تي ڏنل آهي.
ان کان علاوه انهن نمبرن 333-5262526 +92 321-2799484+92 تي ڪال يا وَٽس ايپ(WhatsApp) جي ذريعي بہ رابطو ڪري سگهجي ٿو. اهي ڪورس ڪرڻ جا خواهشمند اسلامي ڀائر پنهنجي سهولت جي مطابق ڏَبل ٻارهن (24 ) ڪلاڪن مان ڪو بہ ٽائم وٺي سگهن ٿا.

پاڪستان مان پڙهڻ وارن اسلامي ڀائرن جي فيس 1050 (هڪ هزار پنجاهه روپيا) آهي، جيڪڏهن فيملي مان هڪ کان وڌيڪ افراد پڙهي رهيا هجن تہ هڪ جي مڪمل فيس ۽ باقي کي فيملي پيڪج تحت 50٪ فيصد ڊسڪاؤنٽ ڏنو ويندو .

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں　　اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌو تہ

- اَصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهم يعني غار وارا، اللهعَزَّ وَجَلَّ جي نشانين مان هڪ عجيب نشاني هئا.
- اَصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهم ايمان جي حفاظت جي مدني جذبي سان سرشار نيڪ انسان هئا.
- اَصحاب ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهم جي برڪت سان ڪثير ماڻهو گمراهي کان محفوظ ٿي ويا.
- اَصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهم جو جسمِ مبارڪ وڏو عرصو سمهڻ جي باوجود بہ سلامت رهيو، جيڪا انهن جي کُلي ڪرامت هئي.

❖ اَصحابِ ڪهف نماز جي ادائيگي ڪرڻ ۽ سلام کي عام ڪرڻ وارا هئا.
❖ الله عَزَّ وَجَلَّ غار جي قُرب و جوار ۾ هڪ خاص هيبت جي ذريعي اَصحابِ ڪهف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰي عَنْهم جي حفاظت فرمائي.
❖ مزارات تي وڃڻ ۽ اتي وڃي دعائون ڪرڻ، بزرگانِ دِين عَلَيهِمُ رَحمَةُ اللهِ الْمُبِين جو معمول آهي.
❖ مزارات جي قُرب ۾ مسجدون بنائڻ نيڪ ماڻهن جو طريقو رهيو آهي.
❖ اصحابِ ڪهف رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهم جو ڪتو، الله عَزَّ وَجَلَّ جي ولين سان نسبت ۽ محبت جو شرف ماڻي ۽ انهن جو ادب ڪري بارگاهِ اِلٰهي ۾ مقبول ۽ جنّتي ٿي ويو.
❖ اَصحابِ ڪهف رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهم جي مبارڪ نالن جي برڪت سان باهه کان حفاظت ٿئي ٿي، اَصحابِ ڪهف رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهم جي مبارڪ نالن جي برڪت سان سرمايو محفوظ رهي ٿو، اَصحابِ ڪهف رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهم جي مبارڪ نالن جي برڪت سان ڪشتي ۽ جهاز ٻڏڻ کان محفوظ رهن ٿا، اَصحابِ ڪهف رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهم جي نالن جي برڪت سان ڀڄل شخص واپس موٽي ايندو آهي الغرض انهن ولين جي نالن جي برڪت سان گهڻين ئي پريشانين کان ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو آهي. الله تعاليٰ اَصحابِ ڪهف رَضِيَ الله تَعَالٰي عَنْهم جي طفيل اسان کي اولياء ڪرام عَلَيهِم رَحمَةُ اللهِ السّلام جو ادب و احترام ۽ انهن جي سچي پڪي عقيدت ۽ محبت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺائنا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت،

شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءِ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سنّت کے مطابِق میں ہر اک کام کروں کاش
تو پیکرِ سنّت مجھے اللہ! بنادے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## گھر ۾ اچڻ وڃڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت،اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رسالي 101 مدني گل مان گھر ۾ اچڻ وڃڻ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا: ◈ جڏهن گھران ٻاهر نڪرو تہ هي دعا پڙهو: ”بِسۡمِ اللهِ تَوَكَّلۡتُ عَلَى اللهِ لَاحَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰه“ ترجمو: الله جي نالي سان، مون الله تي ڀروسو ڪيو. الله کان سواءِ نہ (گناهن کان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نہ (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي. [2] اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندو مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ اللهعَزَّوَجَلَّ جي مدد شاملِ حال رهندي. ◈ پنهنجي گھر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مَحرمات (مثال طور ماءُ، ڀيءُ، پاءُ، ڀيڻ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو.◈ بنا الله (عَزَّوَجَلَّ) جو نالو وٺڻ جي مثال طور بِسۡمِ الله چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گھر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان بہ اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي. ◈ جيڪڏهن اهڙي گھر (ڪٿي پنهنجي خالي گھر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو بہ نہ هجي تہ هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيۡن (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهي سلام جو

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵
2...ابوداود،۴ /۴۲۰، حديث:۵۰۹۵

www.dawateislami.net

جواب ڏيندا. [1] يا هن ريت چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) ڇوته حضور اقدسصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. [2] ◈ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو ته هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ◈ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نه ملي ته خوشيءَ سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نه ڏني هجي ◈ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ ڪان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو ته جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نه پوي ◈ ڪنهن جي گهر وڃو ته اُتان جي انتظامات تي بي جا تنقيد نه ڪريو ان سان اُن جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي ◈ واپسيءَ تي گهروارن جي باري ۾ دعا به ڪريو ۽ شڪريو به ادا ڪريو ۽ سلام به ۽ ٿي سگهي ته ڪو سنتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه**جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"**سنتيں ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنّتیں سیکھنے، تین دن کے لیے ہر مہینے چلیں ، قافلے میں چلو

1...رَدُّالْمُحتار،٩ / ٦٨٢
2...شرح الشّفاء للقاری، ١١٨/٢

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.(2)

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

[1] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305